# کيلفورنيا جا خواب

June 25, 2008 at 3:08 pm | In Autobiographical, Education, Sindhi, سنڌي | | Tags: Human Rights,

## هڪ نظر هيڏاهن ـ لفظن جي معنا لاءِ متي ڪِلاسريءَ تي يا هيٺ ڏنل ڳنڍ ڪلڪ ڪريو / هيٺ ڙڪ هٽندا.

http://shikarpuri.files.wordpress.com/2008/07/glossary-aug-2007-to-july-2008.pdf

## ديارام ڄيٺمل سائنس ڪاليج ۾



سرفراز جاه شمسي اوپرَ بنگال مان پناهگيرُ ٻڻجي آيو هو. هوُ ذاتَ جو بِهاري هو. بنگلا ڏيهہ ۾ آزادي جي جنگ پي هلي، سندس مائٽن فيصلو ڪيو تہ ڪيرُ بہِ ڪٿي، هِت رهڻ هاڻ اَسَنمَيَوَ هوندو ؛ بنگال ۾ سلامتي سان رهڻ اَڻ ٿيٽو . سال 1971 ۾ ديارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ۾ يارهين جمات ۾ هُيم تہ هوُ پِڻ اُتي شاگرد هو. ڪراچيءَ آئي اسان کي ۾ لڳ ڀڳہ اڍائي ورهيہ ٿيا هُئا. حبيب سِڪوُلَ ۾ ٻيا ڪِلاسي رڳو پناهگيرَ اُڙدي هُئم (هڪ اڌ ڪو پنجابي هيو، جنهن کي اُڙدي ڳهبيندا هُئا). ديارام ڄيٺمل سنڌ سائنس ڪاليج ۾ هر جمات ۾ شاگردن جو انگُ بہ وڏيڪ هو. توڙي وري بہ گهٽي ڀانڱي اڙدِي پناهگيرَ هُيا، پر اُتي ٻيا بہ گروه سِڪوُلَ ويندا هُئا. (پاسي فوٽوُن ڪاليجَ جو هڪ منظر).

مان تڏهن يارهين جمات ۾ چوڏهن ورهين جو هُيمِ. پنهنجي جمات ۾ ٻين ٻارن کان بہ اڍائي ورهيہ عُمر گهٽ هُيَمِ. هڪ وار پهرين جمات کان ٽين جمات بہ درجا چاڙهي ڪئي همِ، ۽ چوٿين ۽ پنجين ڪانہ ڪيم (ڪي ڏيڍ سال شڪارپور ۾ رهياسي، پوءِ حيدرآباد

اچڻ ٿيو تہ بابا ماڊل سِڪُول حيدرآباد ۾ سنڌي وسيلي پڙهائي لاءِ داخلا ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو، سو سِڪُول ڇهين جمات ڪان هيو.

ديارام جيٺمل سنڌ سائنس ڪاليج ۾ اٽڪلَ پنج سيڪڙو سنڌي هوندا (تِن ۾ هر جمات ۾ ٻہ ٽي مڪراڻي ۽ ٻروچ پڻ هيا، جِن ڪي سنڌي ڳالهائڻ تہ جهڙي تهڙي ايندي هُئي، پر پاڻ ڪي سنڌي ليڪيندا هُيا. اِهي مڪراڻي فُٽبالَ ڪيڏڻ ۾ هوشيار هيا. اُتي هِڪُ سنڌيءَ جو پروفيسرُ هو جنهن جي حوالي ڪيلُ پِڻُ ڪيو ويو هو . اِهو اِنهيءَ ڪري جو سنڌي ٻولي ٿورِڙا ڇوڪرا ڪٹدا هُئا، سال ۾ چار پنج مَسُ هوُندا ۽ سڀُ سنڌي (اڙڏُي ، پنجابي ۽ ٻيا سنڌ واسي سنڌي ڪڏهن نہ ڪٹندا هئا) . هِيءُ پروفيسر جنهن جو نالو هاٽي وِسريم پيو، لياريءَ پاسي رهندو هو ۽ اُتان ٻن ٽن ٻروچن ۽ مڪرانين ڪي تِن جي فٹبال جي قابليت ڪري داخلا جو وجُهہ ڏياريندو هو، ڇو تہ تنهن قابليتَ لاءِ داخلا لاءِ ڪو خاص لِهازُ واريَل هو ۽ لياري جي گهٽين ۾ ڪي شاگرد واهَ جي فٽبال راند ڪيڏيندا هيا (لياريءَ جي سِڪُولن جو حال تڏهن بہ ڇٽ هو ۽ ٻُڌوتم تہ اجا ويتر ٻُڇڙو ٿيو آ) .

سنڌيُن ڪانسواءِ ڪي ٻِهاري ۽ بنگالي پِڻِ ڪاليج ۾ پڙهندا هُيا. بنگالي گهٽو ماٹ ۽ پاڻ ۾ رهندا هيا. اَهنجِيَلِ لِڳندا هُيم. بنگالين جو پنهنجي آزادي وٺڻ تڏهن بہ حقُ سمجهندو هومِ پرَ پاڪستان جيڪي اُتي ڪُڍنگا ڪرتوُتَ ڪيا هُئا تِن بابت گهٽي پرِوُڙَ ڪانہ هَمِ.

## ’سائين توهان ڇو گهوماٽجي ويا آهيو؟‘ ـ هاريءَ جي ساڃاهہ

دسمبر هوندو ، هندستان پاڪستان جنگ جي ڏينهن ۾ ڪراچي ۾ بمَ پي ڪِرايا.



تڏهن بابا مانڪي ۽ منهنجي هڪَ وڏي ڀاءَ کي شِڪارپور گهر موڪليو. ڇيائين ٻي عالمي جنگ ۾ انگلستان ٻه ٻارن کي لنڊن مان ڳوٺن ڏانهن موڪليو هو. ياد ٿمِ ته مان شِڪارپور هُيُمِ ته بنگلا ڏيهه آزاد ٿيو. تڏهن مان مايوسي ۾ گهوُماٽجي ويمِ. تِـتي گهر جي مالهِي مانڪان پُڇيو، "سائين! اوهان ڇو گهوماٽجي ويا آهيو؟ ڇگو ٿين، پنجاپين مان پڇرَ ڇڏائي ويا. ڏولائي جا ڏينهن پورا ٿين." مانڪي اِن ڳالهه تي اجا عجب ايندو آهي ته هِن ويچاري اُمِي هاريءَ کي ايتري ساڃاهه ڪاڏهون آئي... همراه نه سنڌي ريِءَ ٻي ٻولي ڄاڻي، نه ڪا ٻاهرين اخبارَ پڙهِي سگهي، نه ڪو ريڊيو ٻڌي! (مٿي ڏنل شڪارپورَ جي هڪَ ماڙيءَ جو فوٽون آسم ٻجاراڻيءَ جو ڇڪيلُ http://www.flickr.com/photos/asimzb/

## بنگلا ڏيهه ۾ پاڪستان جي انڌُ ڌُنڌُ



بنگلا ڏيهُه آزاد ٿيڻَ تي جنگ پوري ٿي ۽ پو ڪراچي موٽڻ ٿيم. هِڪَ ڏينهن مانسان بنگالي ڇوڪرن ڪچهري ڪئي جا اجا ياد ٿمِ. ڇيائون ته هوُ ڏيهه موٽڻ جي پيا ڪنِ. اُتان جي حالت پُڇِي مانِ. خبر هين ته مان سنڌين جي حقن جي ڳالهه ڪندو آهيان. بنگالي ڇوڪرن گُسيل مُسيلِ آوازَ ۾ ٻڌايو ته سندن ڏيهه ۾ پاڪستاني فوجين

گهٽي رتوچاڻ ڪئي آهي؛ لڪن جو قتل عام ڪيوتن . لڪن بنگالي ماين سان زوري زناءُ ڪيو تن.

http://www.genocidebangladesh.org

## ذولفقار علي ڀٽي جي رهبري تي آسرو

تِن ڏينهن ۾ سائين ذولفڪار ڀٽي جي حڪومت آئي هُئي. سندس گڏيل قومن سلامتي سيا ۾ ڏنل تقريرون ٻڌيون هُيم. ڏاڍيون زوردار لڳنديون هيِم. تِن جون سٽوُن ياد ٻينيون هم. ڪڏهن وينهجهيِندي بارارٽي ۾ ورجائيندو هُيمِ. تنهن ڪري مانکي اِنهن ڳالهين تي اجا تڏهن ويساهُ ڪونہ پي آيو ... سوچيم تہ اينئين ڪينئين هوندو؟ اسانجو وڏو رهبر اهڙن وڏن ظالمن جي حق ۾ دنيا اڳيان کهڙي منهن سان ڳالهائي سگهي ها؛ اکيوُن نہ لجائِنسِ ها؟ ڪِينئَن پاڪستان جي نمائندگي ڪري اهڙي ناحق ڪي ريٽي چڙيو هونداٸين؟ تِن ڏينهن ڪان ونيِ ڪيترائي ورهيہ تنهن جي اَنڌ ڌُنڌُ ريتيِنڌڙ ڪِردار لاءِ بهانا سوچيندو رهيمِ. خيرُ. پنهنجا ڪرمَ هر ڪو ڀاڻ ڀوڳي. چوٽي آ، ”مُئا پَرُ، پِتجن هيلَ.“ هاڻ انهيءَ ڳالهہ تي گهٽو زورُ بہ اجايو. ڪي سپنا رُجَ.

سرفراز جاه شمسيِ چيو تہ حالت اُتي بُجڙيِ هُئي. الائي چا ٿيو هوُندو. اسان گهٽو اڳ اڇي ويا سي. پرَ تورا مهنا ٿيا هِڪُ بِهاري چوڪرو بنگال مان آيو آهي. اُنهيءَ سان هليِ ملئون ٿا. تنهن کي خبر هوُندي. هوُنئن بہ توکي مِلڻ گهرجي. هوُ ڏاڍو هوشيار چوڪرو آهي. آمريڪا وجي پيو. اِنهي همراه سان هليِ ملياسي. پايان تو تہ ديارام جيٺمل ڪاليج

جي گنگا رام الائي مينا رام نالي سراءِ (”هاسٽِلَ“ ) ۾ رهيو پيو هو. پڇيومانس ته چيائين ها، بنگالي ڇوڪرا سڄُ تا چون اُتي گهٽي ڪَلوُرَ تي آ. پاڪستاني فوج گهٽي رتو ڇاڻ ڪئي آ. وڏا ظالم ها. پنهنجن مائٽن جي ڳٽتي هُيس. چيائين ڪنهن وسيلي ياڳ سان منهنجو اچڻ ٿي ويو پر منهنجا مائٽ اجا اُتي آهن. بنگالي بهارين تي ٻاهين ۾ آهِن جو ڪيترن ٻِهارين پاڪستاني فوج کي آڏار ڏنو. هن جو پاوُ ڪراچيءَ ۾ اُڙدِين جي پاوَ ڪان صفا ٻيو هو.

http://www.youtube.com/watch?v=1Z6SgETOjug

ڪراچيءَ جا گهٽائي اُڙدي تڏهن بنگالين کي رڳو گاريون ڏيندا هُئا، جڏهن ڳالهائين ته چوَنِ ته ”اجا وڏيڪ بنگالي مارين ها ته چڱو ٿي ها.“ اهڙيون ڳالهيون آمريڪا ۾ نيوُيارڪ شهرَ ۾ سبتمبر اا، 2001 جي ڏهڪاوِڀٽي ڪانپوءِ وري ٻڌم ته ڪِن اڙدين واتان نِڪتيوُن ’*اچا هوئا، اب اِن ڪو پيي لگي تو پتا پڑا کي ڪيسي محصوص هوتا. يه مسلمان مارتي هين، وغيرا، اِن ڪو مارنا سواب (ثواب) هي.*“ الاجي ڪٿان اهڙو بغض ۽ ڪينو ماڻهن من ۾ اچي! جنهنجو ڪائِجي تنهنجو ڳائجي واري ڳالهه ته پري، هِتِ پناه به وٺن، سڀ حق ۾ مِلنن، ته به نه ڪو درد نه همدرد.

## آمريڪا جي يونيورٽين بابت ڇاڻ

قصو ڪوتاه.. اپريل جو مهنو هوُندو. سرفراز جنهن ٻِهاريءَ وٽ وني پي هليو ، تنهن لاءِ ٻڌايائين ته سو ٻِهاري ويو پي آمريڪا. پڇيو مانس آمريڪا ڪاٿي؟ چيائين ايم آئي ٽي



يونيورسٽيءَ ۾ بيچلر ڪرڻ ٿو وڃان. سرفراز چيو ايم آئي ٽي چوٽيءَ درجي جِي يونيورسٽي آهي. پڇيو مانس تہ مهانگي هوُندي، ٻڌو آ تہ آمريڪا جا خرچا وڏا آهن. چيائين ها، پنج هزار ڊالر ساليانو خرچو آهي، ساڍا ٽي هزار پڙهائي لاڳ، ٻيو رهڻ ڪرڻ، ڪتاب وغيرا لاءِ. (پاسي ڏنل فوٽوُن 1973 ۾ منهنجي پاسپورٽ لاءِ ورتل آهي جيڪو اُتان نقُل ڪيو اٿم).

پنجٽيهن ورهين ۾ اگهہ يئڪائجي (انگريزيءَ ۾ "اِنفِليشن") ٿي") ويا آهن، هاڻي آمريڪا جي ٽِڙي وارن يونيورسٽين ۽ ڪاليجن جو خرچو پنجاه هزار ڊالر بيهي.. تعليم جي خرچو اٽڪل ست سيڪڙو ساليانو چاڙهہ (جوڙي وچون وَهُ يعنِي "ايوَريج") ڪندو آيو آهي. سو ٽيو ڏهن ورهين ۾ ٻِڻو (چاڙهہ تي چاڙهہ لڳائبو)، ويِهن ۾ چوهوُڻ، ٽيهن ۾ اٺوڻ، وغيرا). پاڪستان جي راڄنيتِي مَتوَن (سرڪاري "پاليسين") ڪري ڊالر جو اگهُ پاڪستاني رُپين ۾ اجا يئڪائيل آهي؛ تِن ڏينهن ۾ ڊالرَ اٺين نائين رپئي هيو (۽ ٻاهر تعليم لاءِ پاڪستان حڪومتَ پنجين رپئي ڏيندي هُئِي. هاڻ اِهو 60 رپيا مٿي هڪ ڊالر آهي.

پڇيومانسِ تہ تُنهنجا مائِٽَ بنگالَ ۾، توُن هِتي سنڌ سُجَ ۾، ايڏو ناڻو ڪِٿان آڻيندي؟ چيائين تہ *ايم آئي ٽي* وارا وظيفو ڏين پيا. ڪي خانگِي يونيورسٽيوُن آمريڪا ٻاهران داخلا ملندڙ ڪن چوڪرن ۽ چوڪرين کي گهرج آهر وظيفا ڏينديوُن آهِن؛ پرَ اهڙين يونيِورسٽينِ ۾ داخلا ڏُکي ملندي آهي.

مان تِن ڏينهن ۾ سوداوَ ۾ هيمِ تہ اِنٽرَ (ٻارهين جماتَ) کان پوءِ ڇا ڪجي. اِنجنري جو شونق ڪونہ هُيمِ. وگيان (سائنسَ) سان چاهُ هُيمِ. اِها ڳالھ بہ سمجهي ويو هومِ تہ



پاڪستان ۾ وگياني تعليمَ جو ميارُ ڪِريل آ. تِيستائين سوچيو هوم تہ اِهو اڻ ٽيٽو هوندو تہ ڪو مُلڪ کان ٻاهر وڃي سگهبو ـ بابا پيِنشِن بردار، هزار رپيا مهوار پِنشن مسِ؛ امان ٿوري ڊاڪٽري غريبن لاءِ ڪري. پيسن جي سدائين ڪوٽ هُجي. پاڪستان جا حال، ٿيھ ورهيہ ايمانداريءَ سان بابا وڏو آفيسرُ ٿي رهيو، هاڻ ڪائڻَ جي پوُرتَ مسين مسين ٿي .

وگياني ٿيڻ مُراد همِ. سو هاڻ طريقو اڳيان. بسِ تنهن مهَلَ اِرادو ڪيم تہ بہ آمريڪا پڙهائيءَ لاءِ ڪنهن چوٽيءَ تي يونيورسٽي ۾ پاڻُ پُڄاِئبو. ***همتِ مردان مددِ خدا***. لڳ ڀڳ ڏيڍ سال پوءِ سورهين ورهين جي عُمرَ ۾ سنڌ ڇڏي ڪيلفورنيا اُڏاميم. ڪيلٽيڪ، جنهن يونيورسٽيِءَ ۾ ڪنهن پاڪستانيءَ ڪي تيسيِتائين داخلا ڪانہ مِلي هُئي، وظيفو ملي بيچلرَ ڪرڻ پُڳم. (پاسي فوٽون يونيورسٽيءَ جي هڪَ سراءِ (هاسٽلَ) جو آهي).

ڪيلٽيڪَ ۾ داخلائون ۽ وظيفا اجا ساڳين ميارن تي ٿين..

http://www.admissions.caltech.edu/about

ڪيلٽيڪَ جو مِثلُ هو، ”سچُ آزاد ڪندوِ“

*"The truth shall make you free"*

**رڻُ ڇڏي روجهوُن ، ڪا ڏس چِتائي هَليوُن؛**

**جيلهان مُند اُنا نہ مِينهڙا ، تيلهان ٽيون ڪوجهوُن؛**

**لَڪِن جون لوجهوُن ، ڄِرَين جالِڻَ هَليوُن**

**(سچل)**

ڇو تہ، ڇو جو، جو سبب آهي **جيلانهِين) جمع ـ جيلِهان (**

") *ديئرفارتنهن* جي نتيجي ۾ (انگريزيءِ ۾ "**تيلِهان**

ڇبيلو)*لفظ (وِروڌ پَڌُ يعني اُبتڙ معنابي* ڊوءلو؛ ڪُروُپ ؛ بدشڪل **ڪوجهو**

جبلن وچ لنگهہُ؛ ڏُکي راهہ **لَڪُ**

جُنيِوُن ڦتيِوُن**لوجهہَ**

گهٽو مٽي؛ ڇڙهيل؛ اُڇو **ڄِرَين**

صبر سان ڏکيائوُن سهڻ**جالڻ**